# عاشقن جو حج



هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# عاشقن جو حج

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن قرآن پاڪ پڙهيو، ربّ تعالٰي جي حمد ڪئي ۽ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهيو ۽ گڏوگڏ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان مغفرت طلب ڪئي ته اُن ڀلائي کي پنهنجي جڳهه تان تلاش ڪري ورتو. (شعب الايمان للبيهقي2/373، حديث:2084)

جو دُرُود و سَلام پڑھتے ہیں

ان پہ رَبّ کا سلام ہوتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِا لۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡ عِظَةِ الۡحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ✿ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ✿ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ✿ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ✿ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ✿ نظر جي حفاظت ٻڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪاش! مٽي جي ٻَل تي هلي اچان ها!

منقول آهي ته حضرت عبدُالله اِبنِ مَسروق رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه (جيڪي خليفي هارونُ الرشيد جا وزير (هئا، انهن کي) جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ توبهه جي توفيق عطا فرمائي ته اُهي گناهن کان توبهه ڪري مڪّي شريف جي لاءِ روئيندي پنڌ پيرين اُگهاڙي روانا ٿيا. جڏهن حرم جي شيخن (پيشوائن) ٻڌو ته وزير مڪي ۾ پهچڻ وارا آهن، انهن کي سلام ڪرڻ جي لاءِ مڪّہء مڪرّم (زَادَهَااللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا)کان ٻاهر جمع ٿيا انهن ڏٺو ته وزير صاحب جي شڪل ۽ صورت تبديل آهي، وار وڪريل ۽ ڌُوڙ ۾ ڀريل، جسم ۽ چهرو نهايت ميرو



www.dawateislami.net

آهي، شيخن تعجب ڪندي هارون رشيد جي وزير ڪان پڇيو: توهان مسڪينن وانگر شڪل ٺاهي بغير جُوتن جي جهنگن ۽ ميدانن مان پنڌ سفر ڇو فرمايو؟ انهن جواب ڏنو: توهان ٻڌايو هڪ ٻانهو جڏهن پنهنجي مولا جي دروازي تي حاضري ڏي ان جي ڇا ڪيفيت هئڻ گهرجي؟ آئون پنڌ هلي ڪري حاضر ٿيو آهيان، حق ته اهو هو ته متي جي ٻَل تي هلي اچان ها. (البحر العميق، ص ۳۱۹)

حرم کی زمیں اور قدم رکھ کے چلنا
اَرے سَر کا مَوقع ہے او جانے والے
(حدائقِ بخشش ص:۱۵۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته حضرت عبدُاللّٰه اِبنِ مَسروق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جڏهن سفرِ مڪي جي لاءِ روانه ٿيا ته نهايت خسته حالت ۾ پيرين اُگهاڙي حرم جي طرف هلي پيا، جڏهن سبب پڇيو ويو ته ڪيترو پيارو جواب عطا فرمايو ته جڏهن هڪ غلام پنهنجي مولا جي بارگاه ۾ حاضر ٿئي ته حق هي آهي ته متي جي ٻَل تي هلي اچان ها، آئون ته پنڌ حاضر ٿيو آهيان. يقيناً ان عظيم الشان بارگاه جي لاءِ مناسب به هي آهي ته ٻانهو اُتي وڃي ته شاهي ۽ تڪبرانه انداز نه هجي بلڪ عاجزي ۽ انڪساري سان گڏ حاضري جي سعادت حاصل ڪري. حديثِ پاڪ ۾ به ان جي ترغيب ملي ٿي. جيئن ته بارگاهِ رسالت ۾ ڪنهن عرض ڪيو: يارَسُول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حاجي ڪي ڪيئن هئڻ گهرجي؟ ارشاد فرمايو: مٿو ڪنڊبزيل، ميرو.

(شرح السنه للبغوي، ڪتاب الحج، باب وجوب الحج ...الخ ،ج۴،ص:۹،حديث: ۱۸۴۰)



www.dawateislami.net

منامنا اسلامي ڀائرو! حرمين طيبين جي سفر جي سعادت جي تمنا هر هڪ عاشق جي دل ۾ هوندي آهي ۽ هئڻ بہ گهرجي. ڪجھ خوش نصيبن جون مُرادون پوريون ٿينديون آهن ۽ اهي بيتُ الله شريف جي زيارت ۽ حج جي ارڪان جي ادائيگي کان پوءِ روضہء رسول جي پُرڪيف جلون کان مستفيض ٿيندا آهن ۽ ڪجھ عاشقانِ رسول هر وقت مديني جي ياد ۾ بي چين رهندا آهن، بس انهن جي دل ۾ هڪ اها آرزو هوندي آهي تہ!

اِذن مل جائے گر مدینے کا　　کام بن جائے گا کمینے کا
جا کے ان کو دِکھاؤں گا میں تو　　زَخمِ دل اور داغ سینے کا
قَلبِ عاشق اُٹھا دَھڑک اِک دَم　　ذِکر جب چِھڑ گیا مدینے کا
آنکھ سے اَشک ہوگئے جاری　　جب چلا قافلہ مدینے کا
اس کی قسمت پہ رَشک آتا ہے　　جو مُسافِر ہوا مدینے کا
ہم کو بھی وہ بُلائیں گے اِک دن　　اِذن مل جائے گا مدینے کا

۽ جيڪي خوش نصيب حج ۽ عُمري جي سعادت حاصل ڪري مدينو شريف گُهمي ايندا آهن ۽ نظرن سان سونهري ڄارين کي چُمي ايندا آهن انهن جي محبت گهٽ ناهي ٿيندي بلڪ اجا وڌي ويندي آهي ۽ هر وقت مديني جي جُدائي ۾ بي قرار رهندا آهن ڇڻ تہ اُهي زبانِ حال سان هيئن چئي رهيا هوندا آهن.

مدینے ہمیں لے گیا تھا مُقدَّر　　مدینے میں کیسا سُرور آ رہا تھا
نہ ہم کاش آتے یہاں لوٹ کر گھر　　مدینے میں کیسا سُرور آ رہا تھا



www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| وہاں بارشِ نُور ہوتی تھی پیہم | نہ دُنیا کی جھنجھٹ زمانے کا تھا غَم |
| مِلا تھا ہمیں قُربِ محبوبِ داوَر | مدینے میں کیسا سُرور آ رہا تھا |
| کبھی بیٹھتے ان کی مسجد میں جا کر | کبھی دُور سے تکتے محراب و منبر |
| نمازوں کا بھی لُطف تھا کیا وہاں پر | مدینے میں کیسا سُرور آ رہا تھا |
| یقیناً مدینہ ہے صَد رشکِ جنَّت | مدینے میں ہے میٹھے آقا کی تُربت |
| اے عطاؔر! کیوں چھوڑ کر آئے وہ دَر | مدینے میں کیسا سُرور آ رہا تھا |

(وسائل بخشش ص 166)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! ڪعبہء معظّمہ ۽ گنبدِ خضرا جي زيارت جي لاءِ وڃڻ، حج هجي يا عُمرو، ڪنهن بہ نيت سان حرم جي طرف قدم وڌائڻ، يقينًا وڏي سعادت ۽ وڏي نصيب جي ڳالهہ آهي. ۽ اهڙو شخص جيڪو ان ارادي سان پنهنجي گهر کان نڪري اهو فائدي ئي فائدي ۾ آهي. ڇو جو هي هڪ اهڙو سفر آهي جنهن ۾ قدم قدم تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن ۽ ان جي برڪتن جي ڇماڇم برسات نصيب ٿيندي آهي. ۽ جڏهن اهو شخص حرمين طيبين پهچي وڃي ٿو تہ ان جا ڀاڳ ئي ڀلا ٿي ويندا آهن، ان جي نصيب جو ستارو بلندي تي هوندو آهي. جيڪڏهن ان دوران اُتي ئي ساهہ نڪري وڃي ۽ **جنتُ البقيع** ۾ ٻہ گز زمين ملي وڃي تہ ان کان وڌيڪ ڀيوڪهڙو انعام ٿي سگهي ٿو. ان سان گڏوگڏ ان جي نامہء اعمال ۾ قيامت تائين پنهنجي نيڪ عمل جي نيت جي مطابق ثواب لکيو ويندو رهندو ۽ جيڪڏهن واپس اچڻو پئجي وڃي تہ مديني ۾ ٻيهر حاضر ٿيڻ جو آرام بخش تصور بہ عاشقانِ رسول جي ذوق جي تسڪين جو سامان ٿي ويندو



www.dawateislami.net

آهي. الغرض! هن مبارڪ سفر جا وڏا فائدا آهن. اچو تہ! ان حوالي سان ڪجھ فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙدون ٿا:

1. هي گهر اسلام جو ٿنڀ آهي، جيڪو حج يا عُمرو ڪرڻ وارو پنهنجي گهر کان بيتُ الله شريف جي ارادي سان نڪري، جيڪڏهن ان جو روح قبض ٿي وڃي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي آهي تہ اُن کي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن اهو (حج ڪري) موٽي تہ اجر ۽ غنيمت سان گڏ موٽندو. (المعجم الاوسط،الحديث٩٥٣٣،ج٦،ص٣٥٢.فردوس الاخبار للديلمي، باب الهاء، الحديث٧٢٥٨، ج٢،ص٣٨٢)

2. جيڪو شخص پنهنجي گهر کان حج يا عُمرو ڪرڻ جي لاءِ نڪري ۽ فوت ٿي وڃي، تہ قيامت تائين حج ۽ عُمري ڪرڻ واري جو اجر ڏنو ويندو رهندو.

(شعب الايمان للبيهقي،باب في المناسك ،فضل الحج والعمرة، الحديث ٤١٠٠، ج٣، ص٤٧٤)

3. جيڪو ان راھ ۾ حج يا عُمرو ڪرڻ جي لاءِ نڪتو ۽ مري ويو ان جي پيشي نہ ٿيندي، نہ حساب ٿيندو ۽ ان کي چيو ويندو تون جنت ۾ داخل ٿي وڃ. (المعجم الأوسط"، باب الميم، الحديث: ٥٣٨٨، ج٤، ص١١١)

طیبہ میں مَر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند
سیدھی سڑک یہ شہر شَفاعت نگر کی ہے

زِندہ رہیں تو حاضریِ بارگاہ نصیب
مَر جائیں تو حیاتِ اَبَد عیش بھر کی ہے

(حدائق بخشش ،ص:221،222)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! مڪهء مُڪَرَّمه ۽ مدينهء مُنوَّره زَادَهَااللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي حاضري جي سعادت ماڻڻ اهڙو انمول موقعو آهي جيڪو نصيب وارن کي ئي ملندو آهي، ان تي جيترو شڪر ڪيو وڃي گهٽ آهي. جڏهن ڪنهن کي هي سفر نصيب ٿئي ٿو ته اهو پنهنجي خوش نصيبي تي شڪر ڪندي، گناهن کي ياد ڪندي ۽ خوفِ خدا کان ڏڪندي ان اُميد تي سفر ڪرڻ گهرجي ته حرمين طيبين جي مقدس فضائن ۾ ويندا سين ۽ اتي هر وقت ٿيڻ وارين رحمتن ۾ مزو ماڻيندا سين، گناهن کي بخشرائيندا سين ۽ پنهنجي ڪاريءَ دل کي صاف ڪندا سين.

ميں کر کے سِتَم اپنی جاں پر قرآن سے جاۓ وُک سُن کر
آیا ہوں بہت شرمندہ سا سرکار توجہ فرمائیں

ياد رکو! جڏهن اسان ان سُنين سُنين نيتن سان سفر ڪندا سين ۽ هر مقدس مقام تي پنهنجي گناهن جي سبب شرمنده ٿيندي توبهه ڪندا سين ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان اسان جا گناهه ضرور معاف ٿي ويندا. پر افسوس! في زمانہ هڪ تعداد آهي جيڪا ان مقدس سفر کي بين عام سفرن وانگر سمجهندي آهي. انهن جي انداز مان ايئن لڳندو آهي جيئن مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ اتي به پڪنڪ ملهائڻ آيا آهن. اهو ئي شور شرابو، کِل مذاق جاري رهندي آهي. هئڻ ته ايئن گهرجي ته جنهن خوشنصيب کي اهو موقعو ميسّر اچي ته ان کي پنهنجي سعادتن جي معراج ڄاڻيندي ان جي مقصد کي سمجهندي ان جي حد درجہ تعظيم ڪري. ان سفر جي عظمت ۽ اهميت بيان ڪندي اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ارشاد فرمائن ٿا.



www.dawateislami.net

ہاں ہاں رہِ مدینہ ہے غافل ذرا تو جاگ
او پاؤں رکھنے والے یہ جا چشم و سَر کی ہے
(حدائق بخشش ص۲۱۸)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته جڏهن ان مبارڪ سفر تي وڃڻ جي سعادت نصيب ٿئي ته ان جي تعظيم بجا آڻيندي، ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته ڪا اهڙي ڳالهه سرزَد نه ٿئي جنهن جي سبب سڄو سفر بيڪار ٿي وڃي. ڪجهه نادان ماڻهو انهن مقدس مقامن تي به مذاق مسخري کان باز نه ايندا آهن، سڄي جهان جي ڳالهين ۾ مشغول ٿي ان جو تقدس پامال ڪندي ڏنا ويندا آهن. ڪجهه ماڻهو اتي به موبائل فون جو بِلا ضرورت استعمال ڪندا آهن، ڪجهه نادان ان مقدس مقامن تي پنهنجون تصويرون پاڻ ئي بڻائي پنهنجو وقت ضايع ڪندا آهن ۽ ٻين جي لاءِ تشويش جو سبب ٿيندا آهن. نه ڄاڻ اهڙن ماڻهن جي انهن حرڪتن سان ڪيترن جا حج ۽ عمره خراب ٿيندا آهن ۽ انهن جي ذوق ۽ شوق ۾ خلل پيدا ٿيندو آهي.

جيڪڏهن اسان اولياءِ ڪاملين ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جي سفرِ حرمين جي واقعن جو مطالعو ڪريون ته اسان کي معلوم ٿيندو ته هي حضرات نهايت ادب ۽ تعظيم سان گڏ سفرِ حج تي روانا ٿيندا هئا، الله عَزَّوَجَلَّ کان روئي روئي ڪري مناجات ڪندا هئا، پنهنجي گناهن جي معافي گهُرندا هئا، عاجزي ۽ انڪساري اپنائيندا هئا، خوفِ خدا ۽ عشقِ رسول سان سرشار ٿي ڪجهه ان طرح سفرِ مدينه جي لاءِ روانه ٿيندا هئا جو انهن جي صحبت جي برڪت سان ٻيا ماڻهو به انهن جي رنگ ۾ رنگجي ويندا هئا. اچو ته! هڪ نهايت ايمان افراز حڪايت ٻڌون ٿا. جيئن ته



www.dawateislami.net

حضرت سيدنا مُخَوَّل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيدنا بُهَيم عِجلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون کي فرمايو تہ منهنجو حج جو ارادو آهي، ان ڪري ڪنهن کي منهنجو رفيقِ سفر بڻايو. پوءِ مون هڪ پاڙيسري کي ان سان گڏ سفرِ مدينہ تي راضي ڪيو، ٻئي ڏينهن منهنجو پاڙيسري مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: مان حضرت سيدنا بُهَيم سان گڏ نہ ٿو وڃي سگهان. مون حيرت وچان چيو: ”خدا جو قسم! مون سڄي ڪوفي ۾ ان جهڙو بااخلاق ماڻهو ناهي ڏٺو، آخر ڪهڙو سبب آهي جو تون ان جي ساٿ کان پاڻ کي محروم ڪري رهيو آهين؟ هو چوڻ لڳو: مون ٻڌو آهي تہ هو سدائين روئيندو رهندو آهي، ان ڪري ان سان منهنجو سفر خوشگوار نہ گذرندو.

مون ان کي سمجهايو تہ هو تمام سنو بزرگ يهن ۽ ان جي صحبت اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ تو کي فائدو ڏيندي تہ هو راضي ٿي ويو. جڏهن سفر جي لاءِ اُٺن تي سامان رکيو پئي ويو تہ حضرت سيدنا بُهَيم عِجلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ پٽ جي ويجهو ويهي روئڻ لڳا ايتري تائين جو سندن ڏاڙهي مبارڪ ۽ سينو ڳوڙهن سان آلو ٿي ويو ۽ ڳوڙها زمين تي ٽپ ٽپ ڪري ڪرڻ لڳا. منهنجي پاڙيسري گهبرائجي مون کي چيو: اڃا تہ سفر جي شروعات ٿي آهي ۽ انهن جو اهو حال آهي، خدا ڄاڻي تہ اڳتي ڇا حالت ٿيندي؟ مون انفرادي ڪوشش ڪندي چيو تہ گهبراء نہ، اهو تہ سفر جو معاملو آهي ٿي سگهي ٿو تہ ٻار ٻچن جي جدائي ۾ روئي رهيا هجن اڳتي هلي قرار اچي ويندو.

حضرت سيدنا بُهَيم عجلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن اها ڳالهہ ٻڌي ورتي ۽ فرمايائون تہ الله جو قسم! اهڙي ڳالهہ ناهي. هن سفر جي ڪري مون کي ”آخرت جو سفر ياد اچي ويو“. اهو فرمائيندي رڙيون ڪري روئڻ لڳا.



www.dawateislami.net

پاڙيسري وري پريشاني جي حالت ۾ مون کي چيو تہ مان ان سان ڪيئن رهي سگهندس؟ ها ان جو سفر حضرت داوٗد طائي ۽ سيدنا سلام ابو الاَحوَص رَحِمَهُمَا اللّٰهِ تَعَالٰی سان هئڻ گهرجي چو تہ اهي ٻئي حضرات بہ تمام گهڻو روئيندا آهن، انهن سان ان جي ترڪيب سني رهندي ۽ ملي ڪري ڏاڍو روئيندا، مون وري پاڙيسري جي همت وڌائي ۽ آخرڪار هو ان سان مديني جي سفر تي روانو ٿي ويو.

حضرت سيدنا مُخَوَّل رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ جڏهن حج کان انهن جي واپسي ٿي تہ مان پنهنجي پاڙي واري حاجي وٽ ويس. ان ٻڌايو: **اللّٰه تعاليٰ** اوهان کي بهترين جزا ڏئي مون ان جهڙو ماڻهو ناهي ڏٺو ۽ جيتوڻيڪ مان مالدار هئس، پر پوءِ بہ غريب هئڻ باوجود اهي مون تي ڏاڍو خرچ ڪندا هئا. پوڙها هئڻ جي باوجود روزا رکندا هئا ۽ مون بي روزائت جوان جي لاءِ کاڌو تيار ڪندا هئا ۽ منهنجي ڏاڍي خدمت ڪندا هئا.

مون چيو: اوهان تہ ان جي روئڻ جي ڪري پريشان رهندا هئا، هاڻي ڇا خيال آهي؟ چيائين: شروع ۾ مان ۽ ٻئي سڀ قافلي وارا بہ انهن جي روئڻ جي ڪثرت تي گهٻرائجي ويندا هئاسين پر آهستي آهستي ان جي صحبت جي برڪت سان اسان تي بہ رقت طاري ٿيڻ لڳي. اسان بہ ان سان گڏ ملي ڪري روئيندا هئاسين. حضرت سيدنا مُخَوَّل رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه چون ٿا تہ ان کان پوءِ مان سيدنا بُهَيم عِجلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ پنهنجي پاڙِيسري جي باري ۾ پڇيو تہ فرمائڻ لڳا: تمام سنو رفيق هو ذِڪرُاللّٰه ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت جي ڪثرت ڪندڙ هو ۽ ان جا ڳوڙها تمام جلد وهڻ لڳندا هئا، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اوهان کي بهترين جزا عطا فرمائي.

(البحرالعميق ج١ص ٣٠٠مُلخّصًا،از عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون ص 118)



www.dawateislami.net

یادِ نبیؐ پاک میں روئے جو عمر بھر
مولیٰ مجھے تلاش اُسی چشمِ تر کی ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مئامئا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو؟ تہ اسان جا اسلاف جڏهن حج جي سفر تي روانہ ٿيندا هئا تہ هر وقت ذڪرُالله ۽ تلاوتِ قرآن ۾ مشغول رهندا هئا، خوفِ خدا ۾ لڙڪ وهائيندا هئا، پنهنجي رفيقن جي خوب خيرخواهي فرمائيندا هئا. انهن جي حسنِ اخلاق ۽ عادت ۽ ڪردار کان متاثر ٿي انهن سان گڏ سفر ڪرڻ وارا بہ انهن جي رنگ ۾ رنگجي ويندا هئا. هن حڪايت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ اسان جا اسلاف جڏهن ڪنهن سفر تي ويندا هئا، ايستائين جو حج جهڙي مبارڪ ۽ مقدس سفر تي بہ ويندا هئا تڏهن بہ انهن کي **آخرت جو سفر** ياد اچي ويندو هو ۽ آخرت جي فڪر ۾ ايتري قدر لڙڪ وهائيندا هئا جو ڏاڙهي مبارڪ لڙڪن سان تَر ٿي ويندي هئي.

جڏهن تہ هڪ طرف اسان آهيون جو آخرت جي سفر جي باري ۾ سوچڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي جڻ تہ اسان دنيا ۾ هميشہ رهڻ ۽ ان جي رنگينين ۾ بدمست رهڻ ڪي ئي حياتي جو مقصد سمجهي ورتو آهي. حالانڪ عقلمند اهو ئي آهي جيڪو دنيا جي هر هر عمل تي آخرت جو فڪر ڪندو رهي، رات جو جڏهن سمهڻ لڳي تہ قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري تہ اُتي نرم ۽ ملائم بسترو نہ هوندو بلڪ سخت زمين منهنجو بسترو هوندي، جڏهن تڏو ۽ منو پاڻي پنهنجي نڙي مان لاهي تہ محشر جي اُڃ کي ياد ڪري تہ ان ڏينهن نڙيون خشڪ ۽ زبانون سُڪي ڪاندارجي وينديون.



www.dawateislami.net

جنهن وقت گرمي جي شدت جي ڪري جيئڻ مشڪل سمجهي ان وقت محشر جي گرمي کي ياد ڪري ته قيامت جو ڏينهن پنجاهه هزار سالن جو ڏينهن هوندو، سج سَوا نيزي تي رهي باهه وسائي رهيو هوندو، ان جي تپش کان بچڻ جي لاءِ ڪا ڇانو ميسّر نه هوندي، ٽپندڙ زمين تي پيرين اُگهاڙي بيهاريو ويندو، گرمي ۾ اُڃ کان بُرو حال هوندو.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجا دنيوي معاملا شريعت جي مطابق گذارڻ سان گڏ پنهنجي آخرت جي خوب خوب تياري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مجھ پہ چشمِ شفا کیجئے دُور بارِ گناہ کیجئے
مال کے جال میں پھنس گیا مجھ کو آقا رِہا کیجئے
یانبی آپ ہی کچھ علاج نفس وشیطان کا کیجئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سفر چاهي دنيوي هجي يا اُخروي ان جي تياري جا ڪجهه آداب هوندا آهن. جيڪڏهن تياري ۾ ڪمي رهجي وڃي يا دورانِ سفر آداب جو خيال نه رکيو وڃي ته سفر ۾ مشڪلات ۽ مشقت کي منهن ڏيڻو پئجي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اُخروي سفر جي لاءِ چڱن عملن جي صورت ۾ سفر جو سامان گڏ هوندو ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آساني سان منزل تائين پهچي ويندا سين ۽ ڪا پريشاني به نه ٿيندي. ۽ دنيوي سفر جا به ڪجهه آداب آهن. اچو ته! ان مان ڪجهه آداب ٻڌون ٿا:



www.dawateislami.net

1. سفر شروع ڪرڻ کان پهرين سنيون سنيون نيتون ڪرڻ گهرجن. جيئن گهر اچڻ وڃڻ ۽ رستي ۾ ملڻ وارن سان مصافحي جي نيت، سلام جو جواب ڏيڻ جي نيت، بدنگاهي کان حفاظت سان گڏ هر قسم جي گناهن کان پاڻ کي بچائڻ جي نيت، نماز جي حفاظت جي نيت وغيره وغيره. ان ۾ وڌيڪ نيتون به وڌائي سگهجن ٿيون. (حج ۽ عمري ۽ زيارتِ مدينهء منوّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جي وڌيڪ سنين سنين نيتن ۽ شرعي مسئلن جي معلومات جي لاءِ شيخ طريقت اميرِ اهلسُنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي 351 صفحن تي مشتمل مايه ناز تصنيف "رفيق الحرمين" جو مطالعو بي حد مفيد رهندو.)

2. سفر جون مسنون دعائون پڙهڻ گهرجن، ممڪن هجي ته بين عاشقانِ رسول کي به پڙهائي ڇڏيو.

3. بين کي گواه بڻائيندي تمام گناهن کان سچي توبهه ۽ احتياطًا تجديدِ ايمان به ڪرڻ گهرجي.

4. حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِى فرمائن ٿا: (سفر ڪرڻ واري کي گهرجي ته) سفر جي دوران ذڪر ۽ تلاوتِ قرآن ڪندو رهي پر ايتري آواز ۾ جو ٻيو نه ٻڌي، جيڪڏهن ڪو شخص گفتگو ڪري ته ذڪر ۽ تلاوت ڇڏي ڏي ۽ جيستائين اهو گفتگو ڪري ان جي ڳالهه غور سان ٻڌي، جڏهن خاموش ٿي وڃي ته پنهنجي حالت تي موٽي اچي (يعني ذڪر وغيره شروع ڪري ڇڏي) (احياء العلوم: ۲/۹۳۴)

5. مسافر جي لاءِ پنج شيون پاڻ وٽ رکڻ سُنت آهي. اُمُّ المومنين حضرت سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا بيان ڪن ٿيون ته منهنجا سرتاج، صاحبِ



www.dawateislami.net

معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفر تي روانہ ٿيندا هئا تہ پنج (5) شيون پاڻ سان گڏ رکندا هئا. (1) آئينو (2) سُرمي داڻي (3) قئنچي (4) مسواڪ (5) ڪنگهو.
(المعجم الاوسط، ۲/۲۰، الحديث: ۲۳۵۲، ملخصاً)

6. پنهنجي رشتيدار دوست، احباب ۽ متعلقين سيني جي دين، جان، مال، اولاد، تندرستي ۽ عافيت خدا کي سونپي سفر تي روانو ٿيڻ گهرجي سفر ۽ سفر جي آداب جي مزيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل ڪتاب **احياءُ العلوم** جلد ٻيون صفحي 885 کان 970 ۽ **بهارِ شريعت** جلد پهريون صفحي 1051 کان 1067 جو مطالعو ڪيو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مفيد معلومات جو ذخيرو هٿ ايندو.

هڪ شخص حضرت سيّدنا حاتِم اَصَمّ عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاَكْرَم کي عرض ڪيو تہ مون کي حج جو سفر ڪرڻو آهي. ڪو اهڙو همسفر ٻڌايو جنهن جي سنگي صحبت جو فيض حاصل ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي سگهان. فرمايائين: اي ڀاءُ! جيڪڏهن توهان همنشين چاهيو ٿا تہ قرآن پاڪ جي تلاوت جي همنشيني (يعني صحبت) اختيار ڪريو ۽ جيڪڏهن ساٿي چاهيو ٿا تہ فرشتن کي پنهنجو ساٿي بڻايو ۽ جيڪڏهن دوست درڪار هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي دوستن جي دلين جو مالڪ آهي ۽ جيڪڏهن توشو (سفر جو خرچ وغيره) چاهيو ٿا تہ الله تعاليٰ تي يقين سيني کان بهترين توشو آهي ۽ ڪعبة الله کي پنهنجي سامهون تصور ڪري خوشيءَ سان ان جو طواف ڪريو. (بحرالدموع ص ۱۲۵ از عاشقانِ رسول جون 130حڪايتون ص 101)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدنا حاتِم اَصَمّ عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاَكْرَم جن ڪيتري پياري نصيحت فرمائي. ڪاش! جو اسان بہ ان نصيحت تي عمل



www.dawateislami.net

ڪرڻ وارا بڻجي وڃون ۽ سفرِ حج جي عظمت ۽ ان جي مقصدن کي سمجهڻ وارا بڻجي وڃون. عمومًا ڏٺو ويو آهي ته ڪجھ ماڻهو هر سال حج ۽ عمري جي مبارڪ سفر تي روانا ٿيندا، ڪعبةالله شريف جي زيارت ۽ ان جي طواف جو شرف حاصل ڪندا ۽ بيٺ حج جي ارڪانن جي ادائگي کان بعد روضہء رسول جي حاضري جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

پر جڏهن موٽندا آهن ته پهريان وانگر گناهن ڀري زندگي ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ۽ برائيون پهريان وانگر باقي رهنديون آهن، اهڙن ماڻهن کي غور ڪرڻ گهرجي آخر ڇا سبب آهي؟ ان مقدس مقامن تي بار بار حاضري جي باوجود به اسان پنهنجي اصلاح نه ڪري سگهيا آهيون. ڪٿي ايئن ته ناهي ته هي سڀ حج ۽ عمرا صرف نفس جي خواهش ۽ ماڻهن کي ڏيکارڻ ۽ پاڻ کي "حاجي صاحب" چورائڻ جي لاءِ ڪيا هجن؟ ڇو جو ماڻهن جي نظر ۾ ڪثير حج ۽ عمرا ڪرڻ ۽ عابد ۽ زاهد جي نالي سان سُڃاتو وڃڻ جي خواهش عبادتن ۾ وڏي کان وڏي مشقت آسان ڪري ڇڏيندي آهي.

جيئن ته حضرت سيدنا ابو محمد مُرتَعِش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون تمام گهڻا حج ڪيا ۽ انهن مان گهڻا حجّ سفر جي خرچ کان سواءِ ڪيا. پوءِ مون تي ظاهر ٿيو ته اهو صرف منهنجي نفس جو ڌوڪو هو، ڇو ته هڪ دفعي منهنجي ماءُ مون کي پاڻي جو دلو ڀري ڪٽي اچڻ جو حڪم ڏنو ته منهنجي نفس تي ان جو حڪم سخت لڳو، ان ڪري مان سمجهي ويس ته حج جي سفر ۾ منهنجي نفس منهنجي مدد رڳو پنهنجي لذت جي لاءِ ڪئي آهي ۽ مون کي ڌوڪي ۾ رکيو آهي ڇو ته جيڪڏهن منهنجو نفس فنا ٿي چڪو هجي ها ته اڄ هڪ شرعي حق پورو ڪرڻ (يعني ماءُ جي اطاعت ڪرڻ) نفس تي بي حد ڏکيو نه لڳي ها. (الرسالة القشيريہ ص 135)



www.dawateislami.net

## حبّ جاهه جي لذت عبادت جي مشقت آسان ڪري ڇڏيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حڪايت جو هرگز اهو مطلب ناهي ته حضرت سيدنا ابو محمد مُرتَعِش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن پنهنجي والده محترمه جو حڪم نه مڃيو بلڪ ان جو حڪم صرف نفس تي ڳرو گذريو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجو ذهن ٺاهي ورتو ته ايترن سالن تائين حج جهڙي مشڪل عبادت، مون صرف نفس جي ڌوڪي جو شڪار ٿي ڪري ادا ڪئي آهي.

ان حڪايت مان وڌيڪ اهو به معلوم ٿيو ته اسان جا بزرگ ڪهڙي مدني سوچ رکندا هئا ۽ ڪيتري نه عاجزيءَ جا پيڪر هئا. گهڻن جي عادت هوندي آهي جو اهي عام ماڻهن سان ته جهڪي جهڪي ملندا آهن ۽ انهن جي لاءِ باادب ٿي ويندا آهن، پر ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀينرن ۽ ٻار ٻچن سان انهن جو سلوڪ ڪاوڙ وارو، غير اخلاقي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته سخت دل آزاريندڙ هوندو آهي. ڇو؟ ان ڪري جو عوام ۾ سهڻي اخلاق جو مظاهرو عام مقبوليت جو سبب بڻبو آهي، جڏهن ته گهر ۾ سهڻو سلوڪ ڪرڻ سان عزت ۽ شهرت ملڻ جي خاص اميد ناهي هوندي، ان ڪري اهي ماڻهو عوام ۾ تمام مٺڙا مٺڙا هوندا آهن.

اهڙي طرح جيڪي اسلامي ڀائر ڪن مستحب ڪمن جي لاءِ وڏي ڪري قربانيون پيش ڪندا آهن، پر فرضن ۽ واجبن جي ادائگيءَ ۾ ڪوتاهيون ڪندا آهن، مثال طور: ماءُ، پيءُ جي اطاعت، ٻار ٻچن جي شريعت مطابق تربيت ۽ خود پنهنجي لاءِ فرض علم حاصل ڪرڻ ۾ غفلت کان ڪم وٺندا آهن، انهن جي لاءِ به هن حڪايت ۾ عبرت جا نهايت اهم مدني گل آهن. حقيقت اها آهي ته جن نيڪ ڪمن ۾ شهرت ملندي ۽ واه واه ٿيندي آهي،



www.dawateislami.net

اهي ڏکيا هئڻ باوجود آسانيءَ سان ٿي ويندا آهن، چو ته حبِّ جاه (يعني شهرت ۽ عزت جي چاهت) جي ڪري ملڻ واري لذت وڏي ڪان وڏي تڪليف ختم ڪري ڇڏيندي آهي. ياد رکو! حبِّ جاه ۾ تباهي ئي تباهي آهي. عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش آهن:

(1) الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت (يعني عبادت) کي ٻانهي جي طرفان تعريف جي محبت سان ملائڻ کان بچندا رهو. ائين نه ٿئي جو توهان جا عمل برباد ٿي وڃن. (فردوس الاخبار ج 1 ص 223 حديث 1567)

(2) ٻه بکايل بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ايتري تباهي نه ٿا مچائن جيتري تباهي مال ۽ عزت جي چاهت (يعني مال ۽ دولت، عزت ۽ شهرت جي چاهت) مسلمان جي دين ۾ مچائي ٿي. (ترمذي ج 4 ص 166 حديث 2383)

## پنهنجي وات سان پنهنجي تعريف ڪرڻ!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته ماڻهن کي ڏيکارڻ، پنهنجي واهه واهه ڪرائڻ ۽ معاشري ۾ عزت ۽ وقار حاصل ڪرڻ جي لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ کان پاڻ کي بچايون ۽ صرف رضاءِ الٰهي جي خاطر ثواب حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ نيڪيون ڪريون. اسان جا بزرگ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جڏهن حج ۽ عُمري جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا ته واپسي تي به اخلاص ۽ استقامت سان گڏ خوب خوب الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا هئا.

## موڪل جي اجازت جي منتظر نوجوان کي بشارت

حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي ڪعبي شريف وٽ هڪ جوان کي ڏٺو جيڪو لاڳيتو نماز پڙهي رهيو هو ۽ ٻيهڻ جونالو ئي نه پيو وني. موقعو ملندي ئي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ان کي فرمايو ڇا ڳالهه آهي جو



www.dawateislami.net

واپس وڃڻ بدران لاڳيتو نمازون پيا پڙهو. چوڻ لڳو: پنهنجي مرضيءَ سان ڪيئن وڃان موڪل جي اجازت جو انتظار آهي. حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: اجا اسين ڳالهيون ئي ڪري رهيا هئاسين ته ان جوان جي مٿان هڪ چٺي ڪري ۽ ان ۾ لکيل هو: ”اها چٺي خدا عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ان جي شڪر گذار ۽ مخلص ٻانهي جي لاءِ آهي، واپس وڃ تنهنجا سمورا گناهه معاف ڪيا ويا آهن.“

(عاشقان رسول جون 103 حڪايتون ص:95 روض الرياحين ص 108 ملخصا)

اچو! هاڻي عاشقانِ رسول حاجين جون محبت ڀريون ۽ عجيب و غريب حڪايتون ٻڌون ٿا:

حضرتِ سيّدُنا فُضيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”عرفات جي ميدان ۾ حاجي دعا ۾ مشغول هئا، منهنجي هڪ نوجوان تي نظر پئي جيڪو مٿو جهڪائي شرمسار بيٺو هو، مون چيو: اي نوجوان! تون به دعا ڪر. اهو چوڻ لڳو: مون کي ته ان ڳالهه جو خوف ٿي رهيو آهي ته جيڪو وقت مون کي حاصل ٿيو هو، شايد اهو ختم ٿي ويو هاڻي ڪهڙي منهن سان دعا ڪيان! مون چيو ته تون به دعا ڪر ته جيئن الله عَزَّوَجَلَّ تو کي به هنن دعا گهرڻ وارن جي بَرَڪت سان ڪامياب فرمائي. حضرت سيّدُنا فُضيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته ان دعا جي لاءِ هٿ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪدم ان تي رِقت طاري ٿي وئي ۽ هڪ رَڙ ان جي وات مان نڪتي، تڙپي ڪِري پيو ۽ ان جو روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. (ڪشف المحجوب 363)



www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا ذُوالنُّون مصري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون مِنيٰ ۾ هڪ نوجوان کي ڏٺو ته آرام سان ويٺو آهي جڏهن ته ماڻهو قربانين ۾ مشغول هئا. ايتري ۾ ان پڪاريو: اي منهنجا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجا سمورا ٻانها قربانين ۾ مشغول آهن، مان به تنهنجي بارگاهه ۾ پنهنجي جان قربان ڪرڻ چاهيان ٿو، منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! مون کي قبول فرماءِ. اِهو چئي پنهنجي آڱر پنهنجي ڳچيءَ تي ڦيريائين ۽ تڙپي ڪِري پيو. مون ان جي ويجهو وڃي ڏٺو ته هو فوت ٿي چڪو هو.

(ڪشف المحجوب ص 364) 7 اضافي

يه اِک جان کيا ہے اگر ہوں کروڑوں
تِرے نام پر سب کو وارا کروں میں

(سامان بخشش ص 135)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ حج هجي ته اهڙو! الله عَزَّوَجَلَّ انهن ٻنهي بابرڪت حاجين جي صدقي اسان کي به قلبي سوز نصيب فرمائي.

ياد رکو! هر عبادت جي قبوليّت جي لاءِ اِخلاص شرط آهي. هاءِ! هاڻي علمِ دين ۽ سني صحبت کان دوري جي ڪري اسان جون اڪثر عبادتون رياڪاري جي نذر ٿي برباد ٿي وينديون آهن. جهڙي طرح هاڻي هر ڪم ۾ ڏيکاءُ جي عمل دخل کي ضروري سمجهيو وڃي ٿو، ائين هاڻي حج جهڙي عظيم سعادت به ڏيکاءَ جي وَر چڙهي ويندي آهي. مثال طور بي شمار ماڻهو حج ادا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي



www.dawateislami.net

پنهنجي زبان سان بنا ضرورت جي حاجي چوندا آهن ۽ پنهنجي قلم سان لکندا آهن، توهان شايد سوچ ۾ پئجي ويا هوندؤ تہ آخر ان ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ ها! واقعي اُن صورت ۾ ڪو حرج ناهي تہ ماڻهو توهان کي پنهنجي مرضي سان حاجي صاحب چئي سڏ ڪن، پر ٿورو سوچيو! پنهنجي زبان سان پنهنجو پاڻ کي حاجي چوڻ، پنهنجي عبادت جو پنهنجو پاڻ اعلان ڪرڻ ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

ان کي هن مثال مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو: ٽرين ڇَڪ ڇَڪ ڪندي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهي هئي ٻہ شخص گڏ وينا هئا. هڪ گفتگو جي شروعات ڪندي پُڇيو: سائين توهان جو نالو ڇا آهي؟ ٻئي جواب ڏنو: ”حاجي شفيق“ ۽ توهان جو مبارڪ نالو؟ هاڻي ٻئي سوال ڪيو، تہ پهرين شخص جواب ڏنو: ”نمازي رفيق“ حاجي صاحب کي ڏاڍي حيرت ٿي، پُڇيائين: سائين نمازي رفيق! اهو نالو تہ ڏاڍو عجيب ٿو لڳي. ”نمازي صاحب“ پُڇيو: ٻڌايو توهان ڪيترا ڀيرا حج جو شرف حاصل ڪيو آهي؟ حاجي صاحب چيو: اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ گذريل سال ئي تہ حج تي ويو هئس. نمازي صاحب چوڻ لڳو: توهان زندگي ۾ صرف هڪ ڀيرو حجِ بيتُ الله جي سعادت حاصل ڪئي آهي تہ علي الاعلان پنهنجو پاڻ کي ”حاجي“ چوڻ چورائڻ لڳا آهيو ۽ هي عاجز تہ سالن کان روزانو پنج (5) وقت پابنديءَ سان نماز ادا ڪندو آهي تہ پوءِ پنهنجو پاڻ کي جيڪڏهن ”نمازي“ چوَرائي تہ ان ۾ تَعَجُّب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي!



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ڪلھ عجيب تماشو آھي، ڏيکاءَ ۽ نمائش جي انتها ٿي وئي آھي، حاجي صاحب حج لاءِ ويندا يا ايندا آھن تہ بغير سٺي نيت جي سڄي عمارت کي ننڍن بلبن سان سينگاريو ويندو آھي ۽ گھر تي ”حج مبارڪ“ جو بورڊ لڳايو ويندو آھي بلڪ توبھ! توبھ! ڪيئي حاجي تہ اِحرام سان خوب تصويرون ڪيرائيندا آھن. آخر اھو ڇا آھي؟ ڇا پڇي ويل مُجرِم جو پنھنجي رحمت واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ اھڙي طرح ڌام ڌوم سان وڃڻ مناسب آھي؟ نہ ھرگز نہ بلڪ روئيندي ۽ آھون ڀريندي، ڊڄندي، ڏڪندي وڃڻ گھرجي.

(رفيق الحرمين،ص ۴۹)

آنسوؤں کی لڑی بن رہی ہو — اور آہوں سے پھٹتا ہو سینہ
وِردِ لَب ہو ”مدینہ مدینہ“ — جب چلے سُوئے طیبہ سفینہ
جب مدینے میں ہو اپنی آمد — جب میں دیکھوں ترا سبز گنبد
ہچکیاں باندھ کر روؤں بے حد — کاش! آجائے ایسا قرینہ

(وسائلِ بخشش،ص:۱۸۸)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اھي ماڻھو جيڪي بغير سٺي نيت جي صرف نفس جي لذت ۽ حُبِّ جاہ جي سبب پنھنجي گھر تي حج مبارڪ جو بورڊ لڳائيندا آھن ۽ پنھنجي حج جو خوب چرچو ڪندا آھن، انھن جي لاءِ ھڪ ڪمال درجي جي عاجزي تي مشتمل حڪايت پيشِ خدمت



www.dawateislami.net

آهي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا سفيان ثوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقوي حج جي لاءِ بصره کان پيادل نڪتا. ڪنهن عرض ڪيو: توهان سوار ڇو نہ ٿا ٿيو؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمايو: ڇا ڀڄي ويل غلام کي پنهنجي مولا عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ صلح جي لاءِ سواري تي وڃڻ گهرجي؟ مان انهيءَ مقدّس سر زمين ڏانهن ويندي تمام گهڻو شرم محسوس ڪيان ٿو.

(تنبيہ المغترين ص 267)

ارے زائرِ مدینہ ! تُو خوشی سے ہنس رہا ہے
دلِ غمزدہ جو پاتا تو کچھ اور بات ہوتی

(وسائلِ بخشش،ص۳۸۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غالبًا نماز روزي جي مقابلي ۾ حج ۾ وڌيڪ بلڪ قدم قدم تي رياڪاري جا خطرا پيش ايندا آهن، حج هڪ اهڙي عبادت آهي جيڪا علي الاعلان ڪئي ويندي آهي ۽ بيو تہ هر هڪ کي نصيب ناهي ٿيندي، انهيءَ ڪري ماڻهو حاجيءَ سان عاجزي سان ملندا آهن، خوب اِحترام ڪندا، هٿ چمندا، هار پارائيندا ۽ دعائن جي درخواست ڪندا آهن. اهڙي موقعي تي حاجي سخت امتحان ۾ پئجي ويندو آهي ڇوتہ ماڻهن جي عقيدت ڀرئي سلوڪ ۾ ڪجهہ اهڙي ”لذت“ هوندي آهي جو انهيءَ سبب عبادت جي وڏي ڪان وڏي تڪليف بہ ننڍي محسوس ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو حبِّ جاه ۽ رياڪاري جي تباهين جي گهري کڏ ۾ ڪِري چڪو هوندو آهي پر ان کي خبر ئي نہ پوندي آهي! (رفيق الحرمين، ص٥٦) اهڙي طرح ڪي مالدار هر هر حج ۽ عمري تي ويندا آهن، انهن جي ڳڻپ خوب ياد رکندا آهن، ڪيئي



www.dawateislami.net

پيرا ضرورت کان سواءِ بنا پڇڻ جي ماڻهن کي پنهنجي حج ۽ عمري جو تعداد ٻڌائيندا ۽ مديني جي سفر جا ڪارناما ٻڌائيندا آهن. انهن کي احساس ئي ناهي ٿيندو تہ هو ڪٿي رياڪاري (ڏيکاءُ) جي تباهي ۾ نہ وڃي پون.

(عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون،ص١٠٨)

مشهور مُحَدِّث حضرت سيدنا سفيان ثوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القوِي هڪ هنڌ دعوت تي هئا، تہ ميزبان پنهنجي خادم کي چيو: انهن ٿانون ۾ ماني ڪارايو جيڪي مان ٻئي دفعي حج تان آندا آهن سيدنا سفيان ثوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القوِي اهو ٻڌي فرمايو: مسڪين! تون هڪ جملي ۾ بہ حجّ ضايع ڪري ڇڏيا!

(احسن الوعا لآداب الدعا ص 157)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان ڪنهن جي گهر تي "**حج مبارڪ**" جو بورڊ لڳل ڏسون يا ڪو پنهنجي نالي سان گڏ حاجي لکندو هجي تہ اسان کي هرگز اها بدگماني نہ ڪرڻ گهرجي تہ هي شخص رياڪار آهي. ياد رکو! پنهنجي حج يا عُمرن جو تعداد بيان ڪرڻ هر صورت ۾ گناهہ ناهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات يعني عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.

(بخاري ج ١ ص ٢حديث ١)

جيڪڏهن ڪو تحديثِ نعمت (يعني پنهنجي مٿان رحمتِ الٰهي جي خبر ڏيڻ) جي لاءِ پنهنجي حجن جو تعداد بيان ڪري تہ حرج ناهي، پر علمِ دين ۽ صحبتِ اخيار (نيڪ ماڻهن جي صحبت) جي ڪمي جي باعث في زمانہ نيت جي اصلاح بيحد دشوار ۽ رياڪاري جو خطرو شديد آهي. خدا جو قسم! رياڪاري جو عذاب ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ٿي سگهندو.



www.dawateislami.net

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مکتبة المدينه جي شايع ٿيل 616 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**نيڪي جي دعوت (حصو پهريون)**“ جي صفحي 79 تي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: بيشڪ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنم روزانو چار سؤ ڀيرا پناهه گهري ٿو، الله عَزَّوَجَلَّ هي وادي امتِ محمديه علي صاحبِها الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي ان رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪي قرآن جا حافظ، غير الله جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا حاجي، ۽ راهِ خدا ۾ نڪرڻ وارا هوندا.

(المعجم الكبير ج 12 ص 136 حديث 12803، از رفيق الحرمين ، ص٥٦)

ميرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش،ص:١٠٥)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حرمين طَيِّبَيْن جي حاضري مقدر جي ڳالهه آهي. ڪيترائي مالدار اهڙا آهن جيڪي طيبه جي مٽي چمڻ جي خواهش ۾ بيقرار هوندا آهن پر وڃي نه سگهندا آهن ۽ ڪيترائي غريب ۽ نادار اهڙا آهن جن وٽ وڃڻ جا ظاهري طور تي اسباب نه هوندا آهن پر ڏسندي ئي ڏسندي اهي خوش نصيب مٺهو مڪهء مڪرمه، مدينهء منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي زيارت سان مشرف ٿي ويندا آهن.

علامه ابنِ جوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي حج ۽ مديني جي زيارت ۾ تڙپڻ واري هڪ شخص جو واقعو نقل فرمائن ٿا: ”آئون مسلسل ٽن (3) سالن کان حج جي دعا ڪري رهيو هوس پر منهنجي هي حسرت دل ۾ ئي رهي.“



www.dawateislami.net

کر رہے ہیں جانے والے، حج کی اب تیّاریاں رہ نہ جاؤں میں کہیں، کردو کرم پھر یا نبی
مجھ پہ کیا گُزرے گی آقا! اس برس گر رہ گیا میرا حالِ دل تو ہے، سب تم پہ ظاہر یا نبی
(وسائلِ بخشش،ص:٣٧٧،٣٧٦)

چوٿين سال حج جو موسم قريب هو، منهنجي دل ۾ حرمين شريفين جي زيارت جي تمام گهڻي خواهش هئي. الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ٿيو منهنجي دعا ڪجھ ان انداز ۾ قبول ٿي جو هڪ رات جڏهن آئون سُتس ته منهنجي دل جون اکيون کُلي ويون، سُتل قسمت جاڳي پئي، مون کي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي.

پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”تون هن سال حج تي هلي وڃجان“ منهنجي اک کُلي ته دل خوشي ۾ جهومي رهي هئي، بارگاهِ نبوت کان اجازت ملي چڪي هئي. سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو منو منو آواز هينئر به منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو، آئون تمام خوش هئس، اوچتو مونکي ياد آيو ته مون وٽ ته سفر جو سامان ئي ناهي، آئون ته بلڪل هٿين خالي آهيان. اهو خيال ايندي ئي آئون غمگين ٿي ويس، ٻي رات ٻيهر خواب ۾ حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيو پر آئون پنهنجي هٿين خالي هئڻ جو تذڪرو نه ڪري سگهيس.

اهڙي طرح ٽين رات به بارگاهِ نبوت کان حڪم ٿيو ته ”تون هن سال حج لاءِ هليو وڃجان“. مون سوچيو جيڪڏهن ٻيهر خواب ۾ منهنجا مولٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي آيا ته آئون پنهنجي هٿين خالي هجڻ جي متعلق عرض ڪندس.



www.dawateislami.net

پاس مال و زر نہیں،اُڑنے کو بھی پَر نہیں
کر دو کوئی اِنتظام، تم پہ کروڑوں سَلام

چوٿين رات مديني جي تاجور، سلطانِ بحروبر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن منهنجي گهر ۾ جلوه گري فرمائي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي اهو ارشاد فرمائي رهيا هئا: ”تون هن سال حج تي هليو وڃجان“ مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو: منهنجا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تہ سفر جو سامان ئي ناهي. ارشاد فرمايو: ڇو ناهي! تون پنهنجي گهر جي فلان جڳهہ ڪوٺ اُتي تنهنجي ڏاڏي جي زِرهہ موجود هوندي. ايترو فرمائي نور جا پيڪر، تمام نبين جا سرور، ٻنهي جهانن جا تاجور، سلطان بحر و بر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف وٺي ويا. صبح جڏهن منهنجي اک کلي تہ آئون گهڻو خوش هيس. نمازِ فجر ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل جڳهہ کوٽي اُتي هڪ قيمتي زِرهہ موجود هئي. اها اهڙي نئين هئي ڄڻ تہ ان کي ڪنهن استعمال ئي نہ ڪيو هجي. مون ان کي چار هزار (4000) دينارن ۾ وڪرو ڪيو ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان حج جا اسباب پاڻ ئي پيدا ٿي ويا. آئون سفر جو سامان خريد ڪري حاجين جي قافلي ۾ شامل ٿي ويس. هاڻي اسان جو قافلو حرم جي طرف روان دوان هو. حرم پهچي ڪري حج جا ارڪان ادا ڪيا. آئون نفل ادا ڪرڻ ”ابطح“ جي طرف ويس. اُتي ڪجھ دير آرام جي لاءِ وينس تہ ننڊ اچي وئي، متي جون اکيو بند ٿي رهيون هيون ۽ دل جون اکيون کُليل رهيون هيون. مديني جا سلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

پنهنجو نوراني چهرو چمڪائيندي مسڪرائيندي تشريف وٺي آيا ۽ ارشاد فرمايو: ”اي خوش بخت! الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجي هن ڪوشش کي قبول فرمائي ورتو آهي.“ (عيون الحڪايات ،ص:٣٢٦)

جسے چاہا در پہ بُلا لیا، جسے چاہا اپنا بُلا لیا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے،یہ بڑے نصیب کی بات ہے

صَــلُّـــوْا عَــلَـى الْـحَــبِـيْـب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! حرمين طيبين جي زيارت جي لاءِ وڃڻ نصيب جي ڳالهه آهي. تنهنڪري جڏهن به هي پُر مسرت موقعو ميسر اچي ته نهايت عقيدت ۽ ادب سان عاجزي ۽ انڪساري جو پيڪر بڻجي هي مقدس سفر ڪيو! رستي ۾ اچڻ واري مشڪلاتن تي صبر، صبر ۽ صبر ۽ وري به صبر سان ئي ڪم وٺو! خوب خوب گناهن کان بچو! مڪمل عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر بڻجي ان سفر جون برڪتون حاصل ڪريو! حضرت سيّدنا امام محمّد باقر عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَادِر جڏهن حج جي لاءِ مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا تشريف وٺي ويا ۽ مسجدالحرام ۾ داخل ٿيا ته بيت الله شريف کي ڏسي روئڻ لڳا ايتري تائين جو سندن روئڻ جو آواز بلند ٿي ويو. ڪنهن عرض ڪيو: يا سيّدي سيني ماڻهن جون نظرون اوهان ڏانهن آهن، ايترو زور سان نہ روئو. فرمايائون: ڇو نہ روئان شايد الله تعاليٰ منهنجي روئڻ جي ڪري مون تي رحمت جي نظر فرمائي ۽ مان قيامت جي ڏينهن ان جي بارگاهه ۾ ڪامياب ٿي وڃان، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه طواف ڪيو ۽ ”مقام ابراهيم“ وٽ نماز پڙهي ۽ جڏهن سجدي مان مٿو مٿي ڪنيائون ته اها جڳهه ڳوڙهن سان آلي هئي. (روض الرياحين ص 113)



www.dawateislami.net

وہی سر برسرِ محشر بلندی پائے گا جو سر
یہاں دنیا میں ان کے آستانے پر جھکا ہوگا
(وسائلِ بخشش، ص: ۱۸۲)

## بيان جو خلاصو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان ٻڌو تہ عاشقانِ رسول جو حج جو سفر ڪرڻ جو انداز ڪھڙو ھوندو ھو. اھي جڏھن سفر جي لاءِ روانا ٿيندا ھئا تہ نھايت رقتِ قلبي سان گڏ، پنھنجي گناھن کي ياد ڪندي، ان مقدس بارگاھِ ۾ حاضر ٿيندا ھئا. لباس ڦاٽل، مٿو مٽي سان ڀريل، فقيرن مسڪينن جھڙي صورت ٺاھي اھي ان دربارِ عاليشان ۾ حاضر ٿيندا ھئا ۽ حديثِ پاڪ ۾ بہ اھا ئي ترغيب ڏياري وئي آھي تہ حاجي کي ميرو ۽ مٽي سان ڀريل حاضر ٿيڻ گھرجي، جڏھن تہ افسوس! اسان پنھنجي بزرگن جي طريقي کي ڇڏي نھايت مھانگو ۽ بھترين لباس پائي ان مقدس سفر کي بہ دنيا جي باقي سفرن وانگر پڪنڪ جو ذريعو سمجھي ورتو آھي، اسان جا بزرگ تہ ان ادا سان سفر جو عزم ڪندا ھئا جو جيڪوانھن سان گڏ ھلندو ھو اھو بہ انھن جي رنگ ۾ رنگجي ويندو ھو، روئڻ ۽ خدا جي ياد ۾ مدھوش رھڻ انھن جو بہ معمول بڻجي ويندو ھو. ڪاش! اسان کي بہ اھڙي ئي رقتِ قلبي سان گڏ ان پاڪ بارگاھ ۾ حاضري جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

.

## مجلسِ رابطہ بالعلماء والمشائخ

شيخِ طريقت اميرِ اھلسُنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي



www.dawateislami.net

سُني علماء ۽ مشائخ سان محبت جي نتيجي ۾ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** ۾ هڪ شعبو "**مجلسِ رابطہ بالعلماء والمشائخ**" جي نالي سان قائم آهي، تہ جيئن ان جي ذريعي سُني علماءِ ڪرام ۽ مشائخِ عظام (آئمہ مساجد، خطباء ۽ مدرسين) ڪي تبليغِ قرآن ۽ سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني خدمتن کان آگاھ ڪيو وڃي. انهن سان تعلقات مضبوط ڪري انهن ڪي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ڪيو وڃي ۽ انهن کان دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ معاونت حاصل ڪئي وڃي ۽ انهن جون دعائون حاصل ڪيون وڃن ۽ سُني مدرسن ۽ جامعات ۾ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي ترڪيب بڻائي وڃي.

اللّٰہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

## 12 مدني ڪمن ۾ حصووٺو!

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 بارنهن مدني ڪمن اڳتي وڌي حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ روزانہ جو هڪ مدني ڪم "چوڪ درس" بہ آهي. اڄڪلھ جهڙي طرح اسان جي معاشري ۾ هر طرف گناهن جو راڄ آهي، اهڙي طرح بازار بہ انهن گناهن کان محفوظ نہ آهي. بلڪ اُتي بہ گناهن جو نہ رڪجڻ وارو سلسلو آهي. بدڪلامي، ڪوڙ، ڌوڪو، فراڊ، ڪوڙيون قسمون، بدنگاهي کان وٺي نمازون ڇڏڻ ۽ هڪ ٻئي جون غيبتون ڪرڻ سان گڏ هر قسم جي گناهن سان بازارون ڀريل



www.dawateislami.net

آهن. تبليغِ قرآن ۽ سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جتي زندگي جي هر شعبي ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي اُتي بازارون بہ ان نيڪي جي دعوت کان محروم ناهن. ان مدني ڪمن جي برڪت سان بازار ۾ بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو موقعو ملندو آهي يعني بي نمازين تائين نماز جي دعوت، سُنتن کان محروم ماڻهن تائين سُنتن تي عمل ڪرڻ جي دعوت پهچائڻ جي سعادت حاصل ٿيندي آهي. تنهنڪري اسان کي بہ وڌ کان وڌ چوڪ درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اسان جي بازارن جو ماحول بہ سُنتن ڀريو ٿي سگهي. اچو! تہ ترغيب جي لاءِ چوڪ درس جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

صوبي اُتَراَنچَل (هند) جي هڪ 20 سالن جي نوجوان اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان خراب صحبت سبب لڳ ڀڳ 14سالن جي عمر کان ئي ڏوهن جي دنيا ۾ ڦاسي چڪو هُئس، ماڻهن سان خواهہ مخواهہ وڙهڻ، لڙائي جهڳڙو ڪرڻ منهنجي عادت ۾ شامل ٿي چڪو هو، ايتري تائين جو مان **رانابدمعاش** جي نالي سان سڃاتو وڃڻ لڳس. مان عمر ۾ ننڍو ضرور هئس، پر ڪنهن کان ڊڄڻ بدران، سامهون واري تي هڪ ٻئي پُنيان مُتوَاتر ڌڪ هڻڻ شروع ڪندو هئس. هر طرف منهنجو داٻو ٿي ويو، ماڻهو منهنجي نالي کان ڊڄڻ لڳا . پيءُ ماءُ مون کان بيزار ٿي چڪا هئا، پر بيوس هئا . منهنجا ڪارا ڪرتوت ڏينهون ڏينهن وڌندا ويا پئي . هڪ ڏينهن گهٽيءَ جي مُنڍ تي هڪ سائي عِمامي واري اسلامي ڀاءُ کي چوڪ درس ڏيندو ڏسي مان ويجهو وڃي ويهي رهيس . جيڪو ڪجهہ ٻڌو اهو سٺو لڳو، مان ڪتاب تي نظر وڌي تہ ان تي ”**فيضانِ سنت**“ لکيل هو، درس ڏيندڙ اسلامي ڀاءُ مون سان ڏاڍي محبت سان مليو ۽ **اِنفِرَادي ڪوشش**



www.dawateislami.net

ڪندي مونکي **مَدنِي قافلي** ۾ سفر جي دعوت پيش ڪئي. فيضانِ سنّت جي درس مون ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي، مون ها ڪري ڇڏي ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي لاءِ دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾سفر ڪندي، ”**جنڪ پور**“ پهتس ۽ وڌيڪ ٽن ڏينهن جي لاءِ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ”**جَگن ناٿ پُور**“ وڃڻ واري **مَدني قافلي** سان گڏ سُنّتُن ڀَريي سفر جي سعادت حاصل ڪيم. **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ چوڪ درس ۽ **مَدني قافلي** ۾ سفر جي سَعادت حاصل ڪرڻ جي برڪت سان منهنجي دل ۾ **مَدنُي انقلاب** پيدا ٿيو ۽ مون ڪيل گناهن کان توبهه ڪئي ۽ ڏاڙهي مبارڪ سجائڻ جي نيّت ڪري ڇڏي . دعا ڪريو تہ **الله** ربُّ العزت عَزَّوَجَلَّ مونکي اِستِقَامَتٌ عنايت فرمائي . منهنجا گهروارا مون ۾ ايندڙ **مَدنِي اِنقلاب** جي ڪري بيحَد خوش آهن امڙ سانئڻ **دعوتِ اسلامي** جي لاءِ خوب دعائون ڪندي آهي.

**اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ مون سميت منهنجا گهروارا بہ سلسلهءِ عَاليہ **قادريہ رضويہ** ۾ داخل ٿي سرڪارِ بغداد حُضورِ غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي غلامي ۾ شامل ٿي ويا آهن.“ (غيبت جون تباه ڪاريون،ص321)

مئانئا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْكاة الْمَصابيح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالكتب العلمية بيروت )

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا



www.dawateislami.net

اچو تہ شيخِ طريقت اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 101 مدني گُل مان ”چل مدينہ“ جي ستن اکرن جي نسبت سان جُتي پائڻ جا 7 مدني گل ٻڌون ٿا.

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي کثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جتي پاتل هوندي آهي جڻ اهو سوار هوندو آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي آهي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو ۽ لاهڻ وقت پهرين کاٻو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن لاهي تہ کاٻي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهريان ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيِّدَتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) ﴿6﴾ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو آهي. ﴿7﴾ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسڻ ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. ”دولت بي زوال“ ۾ لکيل آهي تہ جيڪڏهن سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي ان جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور حصو 5 ص 601)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن



www.dawateislami.net

جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنَّتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت بہ اهو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (2)

---

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[3]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[4]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[5]

---

[3] …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[4] …القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[5] …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، ان تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ايئن پڙهندو آهي.[6]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافعِ امم** صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

6...القول البديع، الباب الاول، ص125

7... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحہ 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان ڄڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”يعني خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“ (فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[8] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net